# سنڌي پئنچايت ايلسبرج، احمدآباد.

## سيڪريٽريءَ جي رپورٽ

پريه سيه شري / شريمتي جي،

پوڄ سنڌي پئنچايت ايلسبرج احمدآباد جي سالياني رپورٽ پيش ڪندي گھڻي خوشيءَ مان اوهان سڀني ميمبرن کي ڏياري، نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون لک لک واڌايون دل وَ جان سان ڏيان ٿو. پريڀءَ در پرارٿنا آهي ته ايندڙ سال پڻ سڀني ميمبرن لاءِ سُک شانتيءَ ۽ سمرڌي آڻي.

### 1۔ميمبر شپ :

پوڄ سنڌي پئنچائت جي ميمبر ٿيڻ لاءِ مقرر ٿيل فارم ڀرڻ ضروري آهي جيڪو سووينر ۾ ڏنل آهي. ميمبر شپ لاءِ داخلا في رپيا هڪ سو ۽ لائيف ميمبر شپ جي في رپيا 2400 ڪل رپيا ٻه هزار پنج سؤ پرڻا آهن. سالياني ميمبر لاءِ في رپيا 100 (هڪ سؤ) ساليانو مقرر ٿيل آهي. هن رپورٽ ڇپجڻ تائين هاڻي لائيف ميمبر 815 آهن، جن جي وچور سووينر ۾ ڏنل آهي.

نوان ميمبر : سال 2011-2012 درميان 31 ڀائرن اسان جي پئنچايت ۾ ميمبر ٿي ناتو جوڙيو اَٿائون. پوڄ پئنچايت اُنهن جي دِلي آجيان ڪري ٿي. اُميد آهي ته اِهي ڀائر پئنچايت جي گُلستان ۾ رهي پئنچايت جي ڪارين ۾ دل و جان سان ڀهرو وٺي ساک ۽ سُڳنڌ ڦهلائيندا.

### 2۔ڪاميٽيون :

پوڄ پئنچايت جي ڪاروبار کي سهوليت ڀريو ڪرڻ لاءِ پريزيڊنٽ شريءَ کي اِختياري مليل آهي، جنهن موجب سال 2012-2013 لاءِ ڪاروباري ڪاميٽي، ائسوسيئٽ ميمبر ۽ جدا جدا ڪمن لاءِ 6 ڪاميٽيون ٺاهيون آهن ۽ اِنٽرنل آڊٽر مقور ڪيو آهي. جنرل باڊي ميڙ ۾ اسٽئٽيوٽري آڊيٽر شري سوريه او. چاٻڙيا پڻ مقرر ڪيل آهي.

### 3۔ ٽرسٽ بورڊ :

پوڄ پئنچايت جي وڌان موجب ڪاروباري ڪاميٽي ميمبر ئي ٽرسٽ بورڊ جا ميمبر آهن.

### 4۔باسڻ،فراس،وغيره :

پئنچايت پاران فراس ۽ باسڻن جو پڻ بندوبست ڪيل آهي جنهن جي وچور چارج سميت ڏنل آهي. جنهن ٻه ميمبر کي باسڻ گھربل هوندا اُن ڪان چارج اَڳوات ورتي ويندي.

### 5۔ اوم سائين هال (ايئر ڪنڊيشنڊ)

پئنچايت جي آفيس ڀرين ماڙي تي اوم سائين هال آهي جنهن ۾ اَٽڪل 125 ماڻهو ڪنهن

ٻه پروگرام ۾ سمائي سگهجن ٿا. ٻه فرنشڊ بيڊروم، رنڌڻو ۽ ڊائننگ ايريا ٻه پهرين ماڙي تي ٺهيل آهي. هيٺ گرائونڊ فلور تي ٻه رڌڻ-پچائڻ ۽ ڪيٽرنگ ايريا ۽ سروس ڪئبن ٺهيل آهي. اٽڪل 150 ماڻهن لاءِ بندوبست ٿي سگهي ٿو. ڪوٻه ٻيا ۽ پيڻ هيءُ سهوليتون ڪنهن ٻه موقعي لاءِ وٺي سگهي ٿو. هال جي سروس چارج ۽ نيم الڳ پترڪ ۾ هن سووينر ۾ ڏنل آهي.

## 6- مئرياج بيورو :

پوج پئنچايت طرفان ميريج بيورو هلندڙ آهي جنهن جا بانيڪار هر آتوار تي صبح جو 11 ڪان منجهند جو هڪ تائين پنهنجون شيوائون پئنچايت جي آفيس ۾ ڏيندا آهن، جنهن ٻه ٻياءُ ۽ پيڻ ڪي مئريج بيورو جي سيوائن جي ضرورت هجي ته اُن لاءِ مقرر ڪيل فارم سووينر ۾ ڏنل آهي جيڪو ڀرڻ لازمي آهي ۽ اِن جي داخلا في رپيا 500 ويب سائيٽ سميت وٺڻ ۾ ايندي آهي. مئريج بيورو جي شيوا جو مُدو هڪ سال مقرر ٿيل آهي. اِن ڪان پوءِ وري نئين داخلا ڪرائڻي پوندي. داخلا ڪرڻ وقت فارم، فوٽو ۽ چني ڏيڻ لازمي آهي. اُميدوارن جا تفصيل ويب سائيٽ تي رکيا ويندا. اُنهن کي ڏسڻ لاءِ اُميدوارن کي پاسورڊ ڏنو ويندو.

مئريج بيورو هر ڇئين مهني ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي الڳ الڳ لسٽ ٻه ڇپائيندو آهي. داخلا رجسٽر تي جيڪي ميمبر هوندا آهن، انهن کي لسٽ موڪلي ويندي آهي. جن ٻارن جا ڪارج ٿي وڃن انهن جي ڄاڻ پوج پئنچايت کي ضرور ڏني وڃي، جيئن نئين لسٽ ۾ اُهي نالا نه اَچن. ان لاءِ سهڪار ڏيندا. هن سووينر ڇپجڻ تائين فارم 4927 رجسٽر ٿيا آهن، ڇوڪريون 2552 ۽ ڇوڪرا 2375.

**شڪرگذاري :** مان شڪرگذار آهيان پوج پئنچايت جو جنهن مون کي شيوا جو موقعو ڏنو. مان ٿورائتو آهيان پرمک شري واشديو گوپلاڻيءَ جو، جنهن مون ۾ پنهنجو وشواس رکي هيءَ نازڪ جوابداري سونپي. خاص طرح سان مان شڪرگذار آهيان جنرل سيڪريٽري شري ساڌورام چنچلاڻي، ڪو آرڊينيٽر شري موهن گوٺاڻي ۽ سڀني ڪاميٽين جي ميمبرن جو جن مونکي هر قدم ۽ هر موڙ تي دِل وَ جان سان سمپورڻ ساٿ سهڪار ڏنو آهي. ٿورائتو آهيان سڀني دانويرن جو جن پنهنجو اَموليه يوگدان علمي پروگرام ۾ ڏنو آهي ۽ ٻين سڀني ميمبرن جو جن اِنعامي اُتسو، گرونانڪ جينتي ۽ ٻين ڪارين ۾ پنهنجو گهڻو يوگدان ڏنو آهي. مان اِشتهار ڇپائڻ وارن جو ٻه خاص شڪرگذار آهيان جن دل کولي گهڻو ساٿ سهڪار ڏنو آهي.

آخر ۾ شڪرگذار آهيان پئنچايت جي سڀني ڀائرن ۽ ڀينرن جو جن پئنچايت جي هر ڪاريه ۾ دِل وَ جان سان ڀهرو ورتو آهي ۽ پئنچايت جي تن، من ڌن سان شيوا ڪري پئنچايت جو نالو روشن ڪيو آهي.

شيوا ۾ :
ارجن وچاڻي
(سيڪريٽري)

اَحمدآباد.
تاريخ : 28-11-2012